
# ۴. گيت

## ٻُڌو. ڳايو.

سانوڻ جي رت آئي، مستي ڇائي،
بوندو برسن ٻجليون ڪڙڪن،
ڪڪرن موج مچائي، مستي ڇائي.
ڌرتي جهومي، اَنبر جهومي، ڏار ڏار ۽ پن پن جهومي،
هير ٿڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪڻ ڪڻ ۾ سرهائي.
مستي ڇائي.
مور نچي ٿو، ڍيل نچي ٿي، من جي چنچل ڪلي ٽڙي ٿي،
ڪنهن جي منڙيءَ ياد اچي آ، من جي مونجهه مٽائي.
مستي ڇائي.
ڪويل ڪو ڪو گيت ٻڌائي، پئنرو مکڙين کي جاڳائي،،
ٽارين گل جي ڇپن ڇمڻ لاءِ پنهنجي ڇيلهه جهڪائي.
مستي ڇائي.
تال نديون پرجي ويا سارا ڇوهه لهر جي ڪٽيا ڪنارا،
بند نہ ڪن ٽاڪ ڪر تڏهن پيي - اچا وسڻ جي وائي.
مستي ڇائي.
وهنجي هر شئہ ڪئي صفائي ڌرتيءَ پاتي ساڙهي سائي،،
ڪارن ڪڪرن وسي وسي آهہ، جڳہ جي پياس ٻجهائي.
مستي ڇائي



**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| رُتِ = مُندَ، | برَسَن = وَسِن، | اَنَبرُ = آسمان، |
| جهونڪِن = جهوبَن، | سَرهائي = خوشي، | چنچل = چلولي ، |
| وَهنجي = سنان ڪري، | پياسَ ٻُجهائڻ = اُڃ مِٽائڻ، | تالَ = تلاوَ |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) ساوڻ جي رُتِ ۾ ڪڪر ڪيئن موڳ مچائن ٿا؟

۲) برساتي مُند ۾ ڌرتي ۽ آڪاس ڇا ڪندا آهن؟

۳) شاعر هن گيت ۾ ڪڪرن جو ڪهڙو چِتر چٽيو آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب تفصيل ۾ لکو.**

۱) ڪهڙا پکي ساوڻ جي مينهوڳيءَ ۾ ڪيئن موڳ مچائيندا آهن؟

۲) شاعر 'مستي ڇائي' ور ور ڪري ڇو لکيو آهي؟

**سوال ۳: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) جهوُلا جهُولِن ........................................................... مستي ڇائي.

۲) مورُ نچي ٿو ........................................................... مونجهه مِٽائي

۳) ڪوِيل ڪوُڪوُ........................................................... چيلهه جُهڪائي.

۴) وهنجي هر شئِ ........................................................... پياسَ ٻُجهائي.

**سوال ۴: (الف) هن بيت مان 'ڇ' ۽ 'جهه' سان شروع ٿيندڙ تي ٽي لفظ ڳولهي لکو:**

**(ب) هن بيت مان ڪي ٻه پنج اهڙا لفظ ڳولهي لکو، جيڪي هنديءَ ۾ ٻه ڪتب ايندا آهن.**

**سوال ۵: خال ڀريو:**

۱) ...................... ڌڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪَڙَ ڪَڙَ ۾ سرهائي.

۲) ڪنهنجي .................. ياد اَچي آ، من جي مونجهه مٽائي.

۳) تال نديون پرجي ويا سارا، چوڌَر لهر جي ڪَٽِيا ...............

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر بند تي عملي ڪم**

مور نچي ٿو ................................... اَچا وسڻ جي واڻي.

**(i) مناسب جواب چوکنڊن ۾ لکو:-**

| | |
|---|---|
| | گيت ڳائي. |
| | نچي ٿو. |

**(ii) جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| ١) پوئنرا | نازڪ |
| ٢) ناريون | ياد |
| ٣) ڪلي | مکڙيون |
| ٤) منڙي | چنچل |

**(iii) هيٺيان چؤڪنڊا پورا ڪريو:-**

برسات جا نظارا

(٢) ’جيڪڏهن برسات نہ پوي تہ‘ اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو:

(٣) اِنٽرنيٽ تي وچي ڄاڻ حاصل ڪريو تہ ڀارت وانگر ٻيا ڪهڙا ملڪ آهن، جتي برساتي مند هوندي آهي.

(٤) توهان کي ڏنل بيت جون ڪهڙيون سِٽون وڻيون ۽ ڇو؟

(٥) قدرت جي شين مان اَسانکي گهڻو ڪجهہ سِکڻ لاءِ ملي ٿو. مثال جيئن ڌرتي اَسان کي سهنشيلتا جو گڻ سيکاري ٿي. تيئن هيٺ ڏنل شيون ڇا سيکارين ٿيون. لکو.
(تارا، سج، پاڻي، ڪمل جو گل، ڏيئو، ميهندي، گُلاب جو گُل)

LNJQSN

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

**١. هيٺيون ٽڪر پڙهي مشغوليون ڪريو:-**

گهمڻ جو شوق مونکي ننڍي هوندي کان ئي آهي. البت اِها هڪ نرالي ڳالهه ته اڄڪلهه نوڪريءَ جي وقت ۽ ٻين مشغولين سبب اِن لاءِ وقت گهٽ ملندو اٿم. هر روز صبح جو اٿڪل ساڍي ڇهين بجي اُٿندو آهيان. اِن جو اَصل ڪارڻ به اِسڪول واري زماني ۾ سَمُر تي سوير نڪرڻ جي عادت آهي.

**١) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو:**

١) وڏي جو ضد ..................................

٢) شام جو ضد ..................................

٣) ’جيتوڻيڪ‘ معنيٰ ڏيکاريندڙ......................

٤) ’لڳي پڳي‘ معنيٰ ڏيکاريندڙ ......................

٥) عدد ڏيکاريندڙ لفظ ..............................

٦) ’غَرُ‘ جو هم آوازي لفظ..........................

**(٢) ٽڪر تي آڌار رکندڙ ٢ سوال ڏاهيو:**

**(٣) ’منهنجو شوق‘ وشيه تي ڪجهه جملا لکو:**

**٢. هيٺين جملن مان ليڪ ڏنل لفظ وياڪرڻ موجب سڃاڻو:**

(الف) اَسان سُپاڻي نئين ڪار خريد ڪنداسين.

(ب) پارت سُني راند کيڏي پر هوُ هارائجي ويو.

(ب) مونکي پياءَ لاءِ رڪڙي گُهرجي.

(پ) شاباس! تو گهڻي محنت ڪئي آهي.

(پ) مان امتحان ۾ اَول ايندس.

**٣. زير زبر پيشُ جي ڪري بدل سدل**

مثال ڪي ڏيان ۾ رکي ٻين لفظن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ به جملا لکو.

**مثال:** سر

(i) سِرُ: مان ديش لاءِ سِرُ ڏيندس

(ii) سِرَ: سِرون پتين ڏاهڻ ۾ ڪم اينديون آهن.

(iii) سُرُ: لتا منگيشڪر جو سُرُ ڪوئل وانگر مٺو آهي.

١) سڌ

٢) پٽ

٣) پٽ

٤) وت

٥) ڪت

٦) سک